# سنڌايڪٽ نمبر IV مجريه 1975
# SINDH ACT NO.IV OF 1975
# سنڌ ڏوهن تي ضابطو ايڪٽ، 1975
# THE SINDH CRIMES CONTROL ACT, 1975
## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. وصفون
Definitions

3. ٽربيونل
Tribunal

4. ٽربيونل جو مقدمن تي دائره اختيار
Cognizance of cases by Tribunal

5. شخصيتن جي طلبي
Summoning of persons

6. رپورٽ جي نقل جي فراهمي
Delivery of copy of report

7. طريقيڪار جڏهن ڪو جوابدار روپوش ٿي وڃي يا لڪي وڃي
Procedure where a person absconds or conceals himself

8. ڪارروايون
Proceedings

9. گڏيل يا ڌار ڪارروايون
Joint or separate proceedings

10. ٽربيونل جو اختيار
Power of Tribunal

11. پڌٽي ڪندڙ ٽربيونل جو طريقيڪار
Procedure by Succeeding Tribunal

12. ٽربيونل کي عدالت سمجهيو ويندو
Tribunal deemed to be court

13. شاهدي
Evidence

14. عادي ڏوهارين پاران سٺي ورتاءَ لاءِ ضمانت
Security for good behavior from habitual offenders

15. جوابدار شخص جي آزادي
Release of person complaint against

16. بانڊ جمع ڪرائڻ ۾ ناڪامي
Failure to furnish Bond

17. ضمانت
Surety

18. بانڊ جي رد ڪرڻ لاءِ درخواست
Request for cancellation of bond

19. بانڊ جو ضايع ٿيڻ
Breach of Bond

20. آزادي جون شرطون
Conditions of release

21. اپيل
Appeal

22. رڪارڊ جي طلبي جو اختيار
Power to call for record

23. مقدمن جي منتقلي
Transfer of cases
24. ڪارروائي تان هٿ ڪڍڻ
Withdrawal of proceeding
25. مقدمن ۽ قانوني چاره جوئي تي پابندي
Bar to suits and prosecutions
26. قاعدا جوڙڻ جو اختيار
Power to make rules
27. منسوخي
Repeal

# سنڌ ايڪٽ نمبر IV مجريه 1975
# SINDH ACT NO.IV OF 1975
# سنڌ ڏوهن تي ضابطو ايڪٽ، 1975
# THE SINDH CRIMES CONTROL ACT, 1975

[27 مارچ 1975]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ ۾ ڏوهن کان بچاءَ ۽ ڏوهن جي ورجاءَ کي روڪڻ ۽ غير معاشرتي عنصرن ۽ غير مهذب شخصيتن کي قانون جي دائري ۾ آڻڻ لاءِ اثرائتي قانون سازي ڪئي وڃي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ ۾ ڏوهن کان بچاءَ ۽ ڏوهن جي ورجاءَ کان روڪڻ ۽ غير معاشرتي عنصرن ۽ غير مهذب شخصيتن کي قانون جي دائري ۾ آڻڻ لاءِ اثرائتي قانون سازي ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي.

جنهن ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title, and Commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ ڏوهن تي ضابطو ايڪٽ، 1975 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور نافذ العمل هوندو.

وصفون
Definitions

2. هن ايڪٽ ۾ جيستائين ڪجهه مفهوم ۾ ڪجهه ٻيو نه هجي، تيستائين هيٺين اظهارن جي معنيٰ ترتيبوار هن ريت هوندا. جيڪا هوندي:

(a) "گهيراءُ" مطلب ۽ جنهن ۾ شامل آهي اڻوڻندڙ ڇڪتاڻ يا ڪو غلط گهيراءُ جيئن پاڪستان پينل ڪوڊ ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

(b) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت،

(c) "ٽربيونل" مطلب دفعه 3 تحت جوڙيل ٽربيونل.

ٽربيونل
Tribunal

3. (1) ٽربيونل هن ايڪٽ تحت مقدمن کي نبيريندو.

(2) ڊسٽرڪٽ ماجسٽريٽ، ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ ماجسٽريٽ، سب ڊويزنل ماجسٽريٽ ۽ هڪ فرسٽ ڪلاس ماجسٽريٽ کي حڪومت

طرفان ان سلسلي ۾ ٽربيونل طور پنهنجي حدن اندر دائره اختيار تحت ٽربيونل طور ڪم ڪندو.

ٽربيونل جو مقدمن تي دائره اختيار
Cognizance of cases by Tribunal

4. هڪ ٽربيونل کي هن ايڪٽ تحت مقدمن جي ٻڌڻي جا اختيار هوندا، جڏهن:

(a) ان جي حدن ۾ رهندڙ شخص خلاف شڪايت ڪئي وڃي يا شڪايت ڪيل شخص خلاف ڏوهه ڪرڻ جو الزام آهي؛ ۽

(b) هڪ پوليس عملدار جيڪو سب انسپيڪٽر جي عهدي کان گهٽ نه هجي، ان سلسلي ۾ لکت ۾ رپورٽ ڏئي.

شخصيتن جي طلبي
Summoning of persons

5. رپورٽ ملڻ تي ٽربيونل شڪايت ڪيل شخص جي طلبي لاءِ سمن جاري ڪندو، يا جڏهن اهڙي شخص حراست ۾ آهي، ته اهڙي عملدار کي هدايت ڪندي وارنٽ جاري ڪندي ته اهو ان شخص کي پيش ڪري:

بشرطيڪ اهڙي ٽربيونل ۾ جڏهن ايئن ٿئي، هڪ پوليس عملدار جي رپورٽ تي يا ڪنهن ٻي معلومات تي (ٽربيونل)، ڪو شخص جنهن خلاف شڪايت ڪئي وئي هجي ۽ اهڙي ڏوهه ۾ اهڙي شخص کي تڪڙي گرفتاري کان بچائي نٿو گهجي، ٽربيونل ڪنهن به وقت سندس گرفتاري جا وارنٽ جاري ڪري سگهي ٿي.

رپورٽ جي نقل جي فراهمي
Delivery of copy of report

6. دفعه 5 تحت جاري ڪيل هر هڪ سمن يا وارنٽ سان گڏ رپورٽ جي نقل اماڻي ويندي ۽ اهڙي نقل اهڙي عملدار هٿان اماڻي ويندي جيڪو سمن يا وارنٽ ان شخص کي پهچائيندو يا ان شخص کي جيڪو ساڳئي ڪيس ۾ گرفتار هوندو.

بشرطيڪ رپورٽ ۾ مختصر طور هيٺيون شيون بيان ڪيون وينديون:

(i) اهي عمل جن تي شخص خلاف شڪايت داخل ڪئي وئي آهي؛

(ii) اهڙي عمل جا وقت ۽ هنڌ جا تفصيل؛

(iii) شڪايت ڪيل شخص جي عام بيهڪ ۽ سندس خلاف ڪيل اهڙا ڪي ٻيا مقدما.

طريقيڪار جڏهن ڪو جوابدار روپوش ٿي وڃي يا

7. جيڪڏهن ٽربيونل کي اهو اعتبار ڪرڻ جو سبب آهي ته شخص جنهن جي حاضري، يا گرفتاري لاءِ سمن يا معاملو جيئن به هجي،

وارنٽ جاري ڪيا ويا آهن، اهو لڪي ويو آهي يا سمن يا وارنٽ وصول ڪرڻ کان لنوائي رهيو آهي ته اها ڪوڊ آف ڪرمنل پروسيجر، 1898 جي دفعات 87، 88 ۽ 89 تحت قدم کڻڻ لاءِ اهڙي شخص يا ملڪيت خلاف ڪارروائي هلائي سگهي ٿي.

لڪي وڃي
Procedure where a person absconds or conceals himself

8. (1) جڏهن اهو شخص حاضر ٿئي جنهن خلاف شڪايت ڪئي وئي آهي يا ٽربيونل جي سامهون پيش ڪيو وڃي، يا سمن يا وارنٽ جي وصولي جي سلسلي ۾، جيڪي دفعه 5 تحت جاري ڪيا ويا، ٽربيونل رپورٽ جي سچائي جي روشني ۾ اهڙي عمل تي جاچ لاءِ ڪارروائي ڪري سگهي ٿي، ۽ شاهدي رڪارڊ ڪري سگهي ٿي جيئن ضروري سمجهيو وڃي.

ڪارروايون
Proceedings

(2) ڪوڊ آف ڪرمنل پروسيجر، 1898 تحت مقدمن ۾ سمن تي ڪارروائي ۽ شاهدي حاصل ڪرڻ جي سلسلي ۾ اهڙي جاچ ڪئي ويندي ۽ اهڙي جلد وئي ويندي، جيترو ممڪن ٿي سگهي.

(3) هن دفعه تحت التوئ ۾ پيل ڪنهن شڪايت تي جيڪڏهن ٽربيونل سمجهي ته جنهن عمل خلاف شڪايت ڪئي وئي آهي، ان خلاف تڪڙا قدم کڻڻ ضروري آهن ته اها ڪجهه سببن کي لکت ۾ رڪارڊ ڪندي:

(a) جنهن شخص خلاف شڪايت ڪئي وئي هجي ان کي بانڊ جمع ڪرائڻ جي هدايت ڪري سگهي ٿي، جاچ جي مڪمل ٿيڻ تائين سٺي ورتاءَ کي برقرار رکڻ لاءِ ضمانتن سان گڏ يا ضمانتن کانسواءِ ۽ ڪيس حراست ۾ رکي سگهي ٿي، تيستائين جيستائين اهڙو بانڊ جمع نه ڪرايو وڃي يا جيستائين جاچ مڪمل نه ٿئي يا تيستائين جمع نه ڪرائي سگهڻ جي صورت ۾، يا

(b) اهڙي شخص جي پيش ٿيڻ بدران سندس نظربندي جو اهڙي عرصي لاءِ حڪم ڏئي سگهي ٿي، جيڪو بيان ڪيو ويو هجي يا جاچ جي مڪمل ٿيڻ تائين، بشرطيڪ نظربندي ٻن مهينن کان وڌيڪ نه هجڻ گهرجي، جيستائين سندس ڪيس ڪمشنر ڏانهن نه اماڻيو وڃي ۽ بعد ۾ سبب لکت ۾ قلمبند ڪيا ويندا، جنهن تحت ڪمشنر جي راضپي سان اهڙي نظربندي ۾ وڌيڪ نظربند ڪري سگهبو جيڪو عرصو 4 مهينن کان وڌيڪ نه هئڻ گهرجي.

گڏيل يا ڌار ڪارروايون
Joint or separate proceedings

9. جتي ٻه يا ٻن کان وڌيڪ ماڻهو جاچ هيٺ هجن ته انهن کان گڏيل يا ڌار ڌار جاچ ڪئي ويندي، جيئن ٽربيونل مناسب سمجهي.

ٽربيونل جو اختيار
Power of Tribunal

10. هن ايڪٽ تحت جاچ جا مقصد ماڻ لاءِ، ٽربيونل کي ڊسٽرڪٽ ماجسٽريٽ تحت ڪوڊ آف ڪرمنل پروسيجر، 1898 جا سمورا اختيار هوندا، جيئن شاهدن جي جاچ ۾ شڪايت ڪيل شخصيتن خلاف سمن، وارنٽ، شاهدين جي طلبي، ڪاغذن جمع ڪرائڻ جا حڪم جاري ڪرڻ، شاهدين جي جاچ لاءِ ڪميشنز جوڙڻ، ماڻن جي جاچ ۾ ٻين معاملن لاءِ جيڪي هن ايڪٽ تحت مهيا نه ڪيا ويا هجن، جيڪي جاچ جي مڪمل ڪرڻ لاءِ ضروري هجن.

پٺڻي ڪندڙ ٽربيونل جو طريقيڪار
Procedure by Succeeding Tribunal

11. جڏهن ڪو ٽربيونل ٻئي ٽربيونل طرفان اورانگهي وڃي ته اهڙي ٽربيونل ان کان اڳ رڪارڊ ڪيل شاهدي تي ڪارروائي ڪري سگهي ٿي يا عارضي طور ان رڪارڊ ڪيل ڪنهن معاملي تي يا ڪنهن هڪ يا سمورين شاهدين جو ٻيهر جائزو وٺي يا جاچ تي پڏٽي ڪري سگهي ٿي، جيئن اها مناسب سمجهي، بشرطيڪ شڪايت ڪيل شخص کي ڊنووو ٽرائل (Denovo Trial) خلاف وڃڻ جو حق نه هوندو يا ان کي ڪنهن شخص، جنهن کان اڳواٽ جاچ ڪئي وئي هجي ان کي ٻيهر طلب ڪرڻ جو به حق نه هوندو.

ٽربيونل کي عدالت سمجهيو ويندو
Tribunal deemed to be court

12. ٽربيونل ۾ اپيليٽ يا نظرثاني ڪندڙ اٿارٽي هن ايڪٽ تحت، ڪوڊ آف ڪرمنل پروسيجر، 1898 جي دفعه 480 جا مقصد ماڻڻ لاءِ، ڪورٽ سمجهي ويندي ۽ ٽربيونل يا اپيليٽ يا نظرثاني ڪندڙ اٿارٽي سامهون ڪارروائي کي به عدالتي ڪارروائي سمجهيو ويندو.

شاهدي
Evidence

13. (1) جيستائين ڪجهه وقتي طور لاڳو ڪنهن ٻئي قانون جي متضاد نه هجي، ٽربيونل هن ايڪٽ تحت جاچ جي مقصد لاءِ، عام معاملي تي شڪايت ڪيل ڪنهن شخص خلاف گواهي حاصل ڪري يا تسليم ڪري سگهي ٿو ته اهو هڪ عادي ڏوهاري آهي يا ايترو پريشان يا خطرناڪ آهي جو ڪيس ميڙ ۾ ڪنهن وڏي سيڪيورٽي ڪانسواءِ نٿو آڻي سگهجي يا اهڙيءَ حالت ۾ گذريل پڏٽي تي ملوث ڏنو ويو يا مٿس گذريل موقعي تي سني ورتاءَ جي

سلسلي ۾ پابند بڻايو ويو هجي.

(2) جيڪڏهن ٽربيونل مطمئن آهي ته شڪايت ڪيل شخص بدنام، خطرناڪ يا تڪراري آهي، ته اها ڪئميرا ذريعي گواهي رڪارڊ ڪري سگهي ٿي، عام ماڻهن کان شڪايت ڪيل شخص بابت جاچ ڪري سگهي ٿي يا شڪايت ڪيل جي عمل خلاف جاچ ڪري سگهي ٿي ۽ اهڙا قدم کڻي سگهي ٿي جيڪي رپورٽ جي سچائي جاچڻ لاءِ ضروري هجن.

عادي ڏوهارين پاران سٺي ورتاءَ لاءِ ضمانت

Security for good behavior from habitual offenders

14. جيڪڏهن ٽربيونل هن ايڪٽ تحت ڪرايل جاچ جي نتيجي کان مطمئن آهي ته، شڪايت ڪيل شخص:

(i) جوا جو اڏو هلائي ٿو يا پنهنجي اهڙي اڏي مان گذر سفر ڪري ٿو؛ يا

(ii) اهڙي جڳهه رکي ٿو جتي منع ڪيل نشيدار شيون واپرايون وڃن ٿيون يا گذر سفر لاءِ اهڙي جڳهه تان ڪمائي ڪري ٿو يا منع ڪيل شين جو ذخيرو ڪري ٿو، نشيدار شيون خريد يا وڪرو ڪري ٿو يا منع ڪيل شين جي تياري ۾ مصروف ڏٺو وڃي ٿو، نشيدار شين يا نشيدار دوائن ذخيرو ڪرڻ، خريد يا وڪرو ڪندي ڏٺو وڃي ٿو؛ يا

(iii) فحاشي جو اڏو هلائي ٿو جيئن اولهه پاڪستان سپريشن آف پراستيٽيوشن آرڊيننس، 1961 ۾ بيان ڪيو ويو آهي، يا فحاشي اڏن تي وڃي ٿو يا سمورو يا عارضي طور فحاشي ڪندڙن جي ڪمائي تي گذر سفر ڪري ٿو؛ يا

(iv) جوا جي اڏن يا غير لائسنس يافته جڳهن جي اجازت ڏئي ٿو جتي غير قانوني نشيدار شيون واپرايون وڃن ٿيون يا غير اخلاقي مقصدن لاءِ فحاشي جا اڏا هلايا وڃن ٿا؛ يا

(v) اسپتالن، نرسنگ هومز يا ڪنهن تعليمي اداري کي غير اخلاقي مقصدن لاءِ اجازت ڏئي ٿو يا اهڙن ماڻهن يا گهمندڙن جي ادارن ۾ اچڻ جو سبب بڻجي ٿو؛ يا

(vi) عوامي جڳهه تي مڪمل طور شراب پي يا غير مناسب طريقي سان اچي ٿو، يا عوامي جڳهه تي بيهوده نموني پيش اچي ٿو يا عوامي جڳهه تي جهيڙو وغيرو ڪري ٿو يا عوامي امن ۾ خلل وجهي ٿو؛ يا

(vii) خراب طريقي ۽ تيز رفتار سان گاڏي هلائڻ جو عادي آهي،

جنهن سان عوامي تحفظ کي خطرو هجي؛ يا

(viii)ڪنهن عورت، ڇوڪري يا 18 سالن کان گهٽ عمر جي ڪنهن ڇوڪرَي کي غير اخلاقي مقصد لاءِ تنگ ڪري ٿو آواز ڏئي ٿو ڇيڙ ڇاڙ ڪري ٿو يا ڀيڇو ڪري ٿو؛ يا

(ix) آزاداڻي طور عورتن، شخصيتن يا ذهني توازن خراب ماڻهن يا نابالغن کي اغوا ڪري ٿو يا ڦر ڪري ٿو يا آزاداني طور ڪنهن شادي شده عورت کي ورغلائي ٿو؛ يا

(x) آزاداڻي نموني هٿياربند فورسز جي معاملن ۾ مداخلت ڪري ٿو يا رڪاوٽ وجهي ٿو يا ڊسيپلين، صحت يا تربيت ۾ مداخلت ڪري ٿو يا انهن جي ڊيوٽيز جي ادائگي ۾ رنڊڪ وجهي ٿو يا

(xi) آزاداڻي نموني نفرت پيدا ڪري ٿو يا توهين ڪري ٿو يا هٿياربندن فوجن يا انهن جي ڪنهن سيڪشن ۾ مداخلت ڪري ٿو؛ يا

(xii) آزاداڻي نموني دشمني جي جذبن جو اظهار ڪري ٿو ۽ شهرين جي مختلف گروهن ۽ طبقن ۾ نفرت کي هٿي ڏئي ٿو؛ يا

(xiii) پورهيت نـه هوندي، پورهيتن کي غير قانوني طور هڙتال ڪرڻ يا گهيرائو ڪرڻ لاءِ اڪسائي ٿو يا ڇڪتاڻ يا ٻيچ ڊاهه جي عمل لاءِ اڪسائي ٿو؛ يا

(xiv) آزاداڻي طور عوامي يا نجي گاڏين تي پٿراءُ ڪري ٿو يا گوليون هلائي ٿو يا ڪنهن عوامي يا نجي ملڪيت کي نقصان پهچائڻ جو سبب بڻجي ٿو؛ يا

(xv) آزاداڻي طور ڪا گاڏي يا ٻيڙي کي يرغمال بڻائي ٿو؛ يا

(xvi) ريل، ٽرام يا ڪنهن ٻي عوامي سواري ۾ بنا ٽڪيٽ جي سفر جو عادي آهي؛ يا

(xvii) پاڪستان اندر يا پاڪستان کان ٻاهر وقتي طور لاڳو قانون جي خلاف ورزي ڪندي شيون آڻڻ يا شيون ڪڍي وڃڻ جو عادي آهي؛ يا

(xviii) عياشي ڪرڻ جو عادي آهي يا ڪنهن مداخلت يا سفارش جي ذريعي پئسا اوڳاڙي ٿو يا ٻي ملڪيت حاصل ڪري ٿو يا ڪا رعايت حاصل ڪري ٿو يا ڪو فاعدو حاصل ڪري ٿو؛ يا

(xix) جاڻي واڻي چوري جي ملڪيت وصول ڪرڻ يا ڏيتي ليتي ڪرڻ جو عادي آهي، يا

(xx) عادي ڌوهاري، ڌاڙيل، تالا ٽوڙيندڙ، چور يا ٻشني آهي يا اهڙن ڌوهاين کي پناهه ڏئي ٿو يا حفاظت ڪري ٿو يا چورايل ملڪيت کي ڏيتي ليتي ڪري ٿو؛ يا

(xxi) عادي ٺڳ آهي، يا جعلي يا عادتن جاڻي واڻي جعلي سڪن جو استعمال ڪري ٿو؛ يا

(xxii) بليڪ مارڪيٽ جو عادي آهي، ذخيرو ڪندڙ آهي، زاني آهي يا انساني استعمال جي شين يا نشيدار شين يا دوائن جو عادي آهي؛ يا

(xxiii) زندگيءَ جو گذر سفر ٺڳي، دوکي يا بي ايماني سان ڪري ٿو يا اهڙن چورن ۽ ڪرپٽ عملدارن يا ماڻهن وچ ۾ عام زندگي ۾ ڪردار ادا ڪري ٿو يا بليڪ ميلر آهي يا "غنڊا ٽيڪس" وصول ڪري ٿو يا مقدمن جي سلسلي ۾ هڪ ٽائوٽ جو ڪردار ادا ڪري ٿو.

(xxiv) وٽس پين کي مطمئن ڪرڻ لاءِ ڪو مناسب سبب ناهي يا پاڻ بابت مطمئن ڪندڙ جواب نٿو ڏئي سگهي؛ يا

(xxv) آزاداڻي نموني سائيڪلو اسٽائل لکي ٿو، ڇاپي ٿو شايع ڪرائي ٿو ورهائي ٿو وڪرو ڪري ٿو يا وڪرو لاءِ آڇي ٿو يا هٿ سان سائيڪلو اسٽائلڊ لکڻ، ڇاپڻ، شايع ڪرڻ، ورهائجڻ، وڪرو ٿيڻ يا وڪرو لاءِ آڇڻ جو سبب بڻجي ٿو باغي نموني، هتڪ آميز، گارين وارو يا توهين آميز پمفليٽ، نيو شيٽس يا هينڊ بلز يا ننگي تصويرن جا ڪتاب يا تصويرون يا ٻيو مواد ڇاپي ٿو؛ يا

(xxvi) آزاداڻي طور لکي ٿو يا ڇاپي ٿو يا پٽين، پلنٿس، روڊ رستن، پليٽ فارمس، جڳهن، يا اهڙن ٻين هنڌن تي بغاوت، هتڪ آميز، توهين آميز، گارين وارو يا فحش نعرا يا لفظ جيڪي عام ماڻهن کي پڙهڻ ۾ اچن، لکڻ يا ڇپائي جو سبب بڻجي ٿو؛ يا

(xxvii) آزاداڻي نموني مداخلت ڪري ٿو يا صلاحيت خراب ڪري ٿو يا ڪنهن ڪم جي مزاحمت ڪري ٿو؛ يا

(XXVIII) ساموندي رستي غير قانوني طور ماڻهن کي پاڪستان ۾

داخل ڪري ٿو يا داخلا يا ٻاهر وڃڻ جون سهولتون فراهم ڪري ٿو. يا

(XXIX) ملڪي مفاد خلاف سرگرمي ۾ آزاداڻي طور ملوث هجي يا همت افزائي ڪري ٿو جيئن پريوينشن آف اينٽي نيشنل ايڪٽوٽيز ايڪٽ، 1994 ۾ بيان ڪيو ويو آهي؛ يا

(XXX) ڪنهن بم، اسٽين گن، مشين گن، آٽوميٽڪ رائيفل، گرنيڊ، راڪيٽ، ڊائناميٽ يا ٻئي ڪنهن ڌماڪيدار مادي جو آزاداڻي طور غير قانوني نموني رکي ٿو يا اهڙيءَ ريت رکڻ جو سبب بڻجي ٿو يا رکندو آهي يا سبب بڻجندو آهي ؛ يا

(XXXI) آزاداڻي طور تي نفرت جوڳيون ٽيليفون ڪالز ڪرڻ ۾ ملوث هجي؛ يا

(XXXII) غير قانوين قبضن جو عادي آهي، يا ڪوٽائي يا تعمير يا حڪومت، يا ڪنهن لوڪل ڪائونسل، خودمختيار باڊي يا ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي سان تعلق رکندڙ زمين تي حدخلي جي ٻئي ڪنهن طريقي ۾؛ يا

(XXXIII) آزاداڻي طور ڌوهه ڪري ٿو يا نجي ملڪيت تي غير قانوني قبضو ڪري ٿو طاقت جي نماءَ ذريعي ۽ اهڙي ملڪيت طاقت جي زور تي حاصل ڪري ٿو. يا

(XXXIV) تمام مايوس ۽ خطرناڪ آهي، جينئ اهو ميڙ ۾ بنا سڪيورٽي جي اچي، معاشري لاءِ هاڃيڪار آهي؛ يا

(XXXV) مٿي ڄاڻايل شقن مان ڪنهن به هڪ ۾ ملوث هجي يا هن ايڪٽ تحت ڪنهن به حڪم جي پيچڪڙي ڪري ٿو.

ان عيوض ڪانئس بانڊ سان گڏ هڪ يا وڌيڪ ضمانتون طلب ڪيون وينديون، اهڙي عرصي لاءِ جيڪو ٽي سالن کان وڌيڪ نه هجي ۽ اهڙي رقم جيئن واضح ڪيل هجي سٺي ورتاءَ لاءِ هوندي، بشرطيڪ جيڪڏهن هو نابالغ آهي، ضمانت يا ضمانتن سان گڏ رڳو بانڊ قبول ڪيو ويندو.

**جوابدار شخص جي آزادي**
**Release of person complaint against**

15. جيڪڏهن هن ايڪٽ تحت ڪا جاچ ڪئي ٿي وڃي، جنهن تي ٽريبونل مطمئن آهي ته ضروري ناهي ته شڪايت ڪيل شخص کي دفعه 14 تحت بانڊ جمع ڪرائڻ لاءِ طلب ڪيو وڃي، اها ان سلسلي ۾ رڪارڊ تي داخلا رکندي، ۽ جيڪڏهن اهڙو شخص

حراست ۾ آهي، صرف جاچ جي مقصدن لاءِ، ڪيس آزاد ڪيو ويندو يا جيڪڏهن اهڙو شخص حراست ۾ نه آهي، ڪيس ڊسچارج ڪيو ويندو.

باند جمع ڪرائڻ ۾ ناڪامي
Failure to furnish Bond

16. (1) جيڪڏهن اهو شخص جنهن خلاف شڪايت ڪئي وئي آهي ۽ اهو دفعه 14 تحت باند جمع ڪرائڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو ته ڪيس قيد جي سزا ڏني ويندي، يا جيڪڏهن هي اڳواٽ قيد ۾ آهي ته ڪيس قيد ۾ نظربند ڪيو ويندو ۽ تيستائين ڪيس حراست ۾ رکيو ويندو جيستائين هو باند جمع نٿو ڪرائي يا حڪم جو مدو ختم نٿو ٿئي، جيئن معاملو هجي يا ٽربيونل سندس بابت ڪو ٻيو حڪم ڏئي ٿي.

(2) باند جمع ڪرائڻ ۾ ناڪامي تي ذيلي دفعه (1) تحت دفعه 14 جي شقن (iv)، (v)، (vi)، (viii) ۽ (xxxi) هيٺ عملن يا ڏوهن تي ڪيس قيد جي سزا ڏني ويندي جيڪا سادي هوندي ۽ دفعه 14 جي ٻين شقن تحت ڪيل عملن يا ڏوهن جي سزا سخت هوندي.

ضمانت
Surety

17. ٽربيونل آڇيل ضمانت کان انڪار ڪري سگهي ٿي، يا اهڙي ٽربيونل پاران اڳواٽ قبول ڪيل ڪنهن ضمانت کي رد ڪري سگهي ٿي يا اڳواٽ منظور ڪيل ضمانت کي انهن بنيادن تي رد ڪري سگهي ٿي ته اها ضمانت ان شخص لاءِ باند جي مقصدن لاءِ مناسب نه آهي.

بشرطيڪ اهڙي ڪا ضمانت قبول ڪرڻ کان انڪار کان اڳ، ٽربيونل اهڙص ضمانت جي فٽنيس بابت جاچ ڪرائيندي.

وڌيڪ ته ڪا ضمانت جيڪا اڳ ۾ منظور ڪئي وئي هجي، ان کي رد ڪرڻ جو حڪم جاري ڪرڻ کان اڳ، ٽربيونل سمن يا وارنٽ جاري ڪندي، جيئن اها مناسب سمجهي ۽ ان ماڻهو کي سبب ڄاڻائيندي جنهن اهڙي ضمانت ڏني آهي، ڪيس پيش ٿيڻ يا سامهون آڻڻ جو حڪم جاري ڪندي.

باند جي رد ڪرڻ لاءِ درخواست
Request for cancellation of bond

18. (1) ڪا به ضمانت ڪنهن به وقت ٽربيونل سامهون سندس طرفان پيش ڪيل باند تي عمل کان روڪي سگهجي ٿو ۽ اهڙي درخواست تي ٽربيونل سمن يا وارنٽ جاري ڪري سگهي ٿي، جيئن مناسب سمجهي، جنهن ۾ اهڙي ضمانت واري شخص کي پيش ٿيڻ يا گهرائڻ لاءِ طلب ڪري سگهي ٿي.

(2) جڏهن دفعہ 17 يا هن دفعہ جي ذيلي دفعہ (1) تحت ڪنهن شخص جي حاضري لاءِ وارنٽ يا سمن جاري ڪيا ويا هجن، اهو ٽربيونل سامهون پيش ٿئي ٿو يا آندو وڃي ٿو تہ اها اهڙي شخص طرفان جمع ڪرايل بانڊ رد ڪري سگهي ٿي ۽ هن کي ڏيڻ جو حڪم ڏئي سگهي ٿي، اهڙي بانڊ جي مدي جي ان ايڪسپائرڊ حصي لاءِ، تازي ضمانت ساڳين تفصيلن سان اصل ضمانت وانگر.

بانڊ جو ضايع ٿيڻ
Breach of Bond

19. (1) شڪايت ڪيل شخص پاران بانڊ جمع ڪرايو ويندو تہ اهو سٺي ورتاءَ جو پابند هوندو ۽ قيد جي سزا لائق ڪنهن ڏوهہ جي ڪوشش يا ڏوهہ ڪرڻ کان پري رهندو، جڏهن بہ ڏوهہ ڪيو ويندو تہ اها بانڊ جي ڀڃڪڙي سمجهي ويندي.

(2) جيڪو بہ هن ايڪٽ تحت جاري ڪيل ڪنهن حڪم جي ڀڃڪڙي ڪندو يا ان کي مڃڻ کان انڪار ڪندو تہ ان کي قيد جي سزا ڏني ويندي جيڪا پنج سالن تائين وڌي سگهي ٿي ۽ ڏنڊ جيڪو ڏهہ هزار رپين تائين وڌي سگهي ٿو.

وضاحت: ذيلي دفعہ (2) تحت قيد جي سزا واڌو هوندي، جيڪا حراست ۾ رهڻ واري مدي جي ان ايڪسپائرڊ حصي جي ختم ٿيڻ کانپوءِ شروع ٿيندي.

آزادي جون شرطون
Conditions of release

20. (1) جڏهن بہ ڊسٽرڪٽ ماجسٽريٽ ان خيال جو آهي تہ سندس ضلعي ۾ قيد جي سزا ڀڳايل ڪو شخص هن ايڪٽ تحت ضمانت جمع ڪرائڻ ۾ ناڪام ٿي رهيو آهي تہ اهو ڪيس ڪيس معاشري يا ڪنهن شخص تي زور ڀرڻ کانسواءِ آزاد ڪري سگهي ٿو، هي اهڙي شخص کي بنا شرطن جي آزاد ڪرڻ جو حڪم جاري ڪري سگهي ٿو يا اهڙي ڪنهن شرط تي يا شرطن تي جيڪي قاعدن موجب بيان ڪيون ويون هجن ۽ جيڪي اهڙي آزادي تي ان شخص پاران قبول ڪيون وڃن.

(2) جيڪڏهن ڪا شرط جنهن تي اهڙو شخص آزاد ڪيو ويو آهي، ڊسٽرڪٽ ماجسٽريٽ جي خيال ۾ ان تي عمل ناهي ڪيو ويو تہ هي ساڳي رد ڪري سگهي ٿو ۽ اهڙي رد ٿيڻ جي صورت ۾ آزاد ڪيل شخص کي گرفتار ڪيو ويندو ۽ جيستائين هو اصل حڪم موجب ضمانت نہ ڏيندو، ڪيس مدي جي ان ايڪسپائرڊ حصي لاءِ جيل ۾ وڌو

ويندو، جنهن ڏوهہ ۾ ڪانئس پهرين ئي ضمانت طلب ڪئي وئي هئي.

اپيل
Appeal

21. (1) ٽربيونل طرفان دفعہ 8، 14، 15، 16، 17 ۽ 19 تحت جاري ڪيل حڪم جي ٽيهن ڏينهن اندر ڪمشنر سامهون هڪ اپيل داخل ڪرائي سگهجي ٿي.

(2) حڪومت ذيلي دفعہ (1) تحت داخل ڪيل اپيلن جي ٻڌڻي لاءِ هڪ ايڊيشنل ڪمشنر نامزد ڪري سگهي ٿي.

(3) هن دفعہ تحت اپيلن جي اڪلاءَ جو طريقيڪار ڪوڊآف ڪرمنل پروسيجر، 1898 ۾ ڄاڻايو ويو آهي، جنهن تحت اپيلن سان لاڳاپيل معاملن کي حل ڪيو ويندو.

رڪارڊ جي طلبي جو اختيار
Power to call for record

22. (1) ڪمشنر ڪنهن ٽربيونل کان ڪارروائي جو رڪارڊ جاچ لاءِ طلب ڪري سگهي ٿو سندس اطمينان لاءِ ٽربيونل وٽان ڪارروائي جو رڪارڊ گهرائي سگهي ٿو، جيئن هو ان جي سچائي، قانوني حيثيت يا ڪنهن انڪشاف جي شفافيت معلوم ڪري سگهي يا حڪم جيڪو رڪارڊ ڪيو ويو آهي، يا ٽربيونل جي اهڙي ڪارروائي جي سراسري موجب، يا التويٰ هيٺ جاچ رڪارڊ، بابت هدايت ڪري سگهي ٿو تہ ڪنهن حڪم تي عمل ملتوي ڪيو ويو آهي ۽ جيڪڏهن شڪايت ڪيل شخص حراست هيٺ آهي، اهو ضمانبت تي يا سندس پنهنجي بانڊ تي آزادي ماڻي سگهي ٿو.

(2) هاءِ ڪورٽ پنهنجي اطمينان لاءِ ڪمشنر سامهون ڪنهن ڪيس جو رڪارڊ جاچ لاءِ طلب ڪري سگهي ٿي، جيئن دفعہ 21 جي ذيلي دفعہ (1) تحت ڪمشنر جي جاري ڪيل حڪم جي قانوني حيثيت جو جائزو وٺي سگهي ۽ اهڙا حڪم جاري ڪري سگهي ٿي، جيئن مناسب سمجهي.

مقدمن جي منتقلي
Transfer of cases

23. (2) ڪمشنر پنهنجي ڊويزن اندر لکت ۾ حڪم ذريعي ڪو ڪيس هڪ ٽربيونل کان ڪنهن ٻي ٽربيونل ڏانهن منتقل ڪري سگهي ٿو.

(2) ضلعي ماجسٽريٽ لکت ۾ حڪم تي ڪو ڪيس منتقل ڪري سگهي ٿو، سواءِ ان ڪيس جي جيڪو ڪمشنر لکت ۾ حڪم ذريعي هڪ ٽربيونل کان ٻي ٽربيونل ۾ سندس ضلعي ۾ منتقل ڪيو هجي.

| | |
|---|---|
| 24. پبلڪ پراسيڪيوٽر، ٽربيونل جي رضامندي يا حڪومت جي حڪمن تحت ڪنهن شخص خلاف اهڙي ٽربيونل ۾ التوي هيٺ پيل ڪارروائي تان هٿ ڪڍي سگهي ٿو ۽ اهڙي هٿ ڪڍڻ تي، اهڙو شخص جيڪو فقط ان ڪارروائي جي مقصد لاءِ حراست ۾ هجي، ان کي آزاد ڪيو ويندو، جيڪڏهن اهڙو شخص حراست ۾ ناهي ته ان کي ڊسچارج ڪيو ويندو. | ڪارروائي تان هٿ ڪڍڻ<br>Withdrawal of proceeding |
| 25. هن ايڪٽ تحت ڪيل ڪنهن به ڪارروائي يا جاري ڪيل ڪنهن به حڪم خلاف ڪنهن به سول يا ڪرمنل ڪورٽ ۾ سوال نه اٿاري سگهبو ۽ ڪنهن به شخص پاران هن ايڪٽ تحت ڪنيل ڪنهن قدم يا ڪيل ارادي تي ڪا به سول يا ڪرمنل ڪارروائي نه ڪئي ويندي، يا ڪنهن شخص يا ٿيل ڪنهن نقصان يا ڪنهن ملڪيت جي سلسلي ۾ ڪنهن عمل جي نتيجي ۾ يا هن ايڪٽ تحت ارادي جي نتيجي ۾ ڪا ڪارروائي نه ٿيندي. | مقدمن ۽ قانوني چاره جوئي تي پابندي<br>Bar to suits and prosecutions |
| 26. حڪومت هن ايڪٽ جا مقصد پورا ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي. | قاعدا جوڙڻ جو اختيار<br>Power to make rules |
| 27. اولهه پاڪستان ڪنٽرول آف گونداز آرڊيننس، 2959 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.<br>بشرطيڪ اولهه پاڪستان ڪنٽرول آف گونداز آرڊيننس، 1959 تحت التوي هيٺ پيل ڪارروايون، هن ايڪٽ سبب متاثر نه ٿينديون. | منسوخي<br>Repeal |

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**